# چوڪري ۽ ڪنپيون

# ليو ٽولسٽائي

اونهاري جي هڪ خوشگوار صبح جو ٻه ننڍڙيون ڀينر، (انهن مان هڪ ٻي کان ٿوري وڏي هئي) ڪنپيون ڪڻيون ڪري گهر وڃي رهيون هيون. ٻنهي جون ٽوڪريون ڪنپين سان ڀريل هيون، ٻئي بي فڪري سان ڳائيندين گهر تائين پنهنجو ننڍڙو سفر طي ڪري رهيون هيون.

رستي ۾ هڪ چڙهائي هئي جتي ريل جي پٽڙي هئي. چوڪرين ان تي چڙهي ڏٺو ته ڪٿان ريل ته نه پئي اچي، پر انهن کي نڪي سيٽي ٻڌڻ ۾ آئي ۽ نڪي ريل ايندي نظر آئي.ته هنن ريل جي پٽڙي کي پار ڪرڻ جو سوچيو. پر ٺيڪ انهي وقت جڏهن هنن اجا پهرين وک وڌائي هئي ته ڪين سيٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. وڏي ڀيڻ گهبرائيندي جيڏانهن آئي هئي موٽي انهي طرف ڊوڙڻ لڳي، پر جڏهن هن مڙي ڏٺو ته پويان سندس ڀيڻ ڪونه هئي، هوءَ ريل جي پٽڙي جي وچ تي بيٺي هئي.

اهو ڏسندي وڏي ڀيڻ جي ته جهڙوڪر جان نڪري وئي، هن رڙ ڪندي چيس، ”اڙي ڀج... جهٽ ڪر ڀج“ پر ننڍي ڀيڻ کي ته ڄڻ وڏي ڀيڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي نه آيو هجي. هوءَ ته پنهنجي ڪنپين جي ڳري ٽوڪري کي سنڀاليندي ريل جي پٽڙي کي ڪراس ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئي. ايتري ۾ جڏهن وڏي ڀيڻ جو اکيون هن ۾ ڪتل هيون ته ننڍي ڀيڻ وچ پٽڙي تي ڪري پئي ۽ ٽوڪري مان ان جون ڪنپيون پڻ ڪري پيون. هاڻي ننڍڙي چوڪري وچ تي ويهي ڪنپيون ميڙيندي ٽوڪري ۾ وجهڻ لڳي. وڏي ڀيڻ خوف منجهان سڪتي جي حالت ۾ هئي. جڏهن هن ريل جي ڦيٿن کي ڀيڻ جي ويجهو ڏٺو ته هن هڪ وڏي رڙ ڪندي چيو ته، ”ڪنپين کي ڇڏ، تون ڊوڙ پائي مون وٽ اچ“ پر ننڍي ڀيڻ کي پنهنجي وڏي ڀيڻ جو آواز سمجه ۾ ئي نه پئي آيو ڇاڪاڻ ته سندس پورو ڌيان ته ڪنپين کي

ميڙڻ ۾ هو. هاڻي ريل جي ڊرائيور جي نظر پٽڙي جي وچ تي ويٺل ڇوڪريءَ تي پئي، هن گهبرائيندي زور زور سان سيٽيون وڃائيون پرڪنپيون ميڙيندڙ ڇوڪريءَ تي ان جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. اهي پل ڇوڪريءَ جي وڏي ڀيڻ ۽ ڊرائيور لاءِ نهايت خوفناڪ هئا. پر ڪنپيون ميڙيندڙ ڇوڪريءَ جو ڌيان هٽائڻ ۾ ناڪام ٿي ويا. ريل روڪڻ ۾ ڊرائيور ناڪام ٿي ويو ۽ ريل ڇوڪريءَ مٿان گذري وئي. ٿوري فاصلي تي آخرڪار ريل بيٺي ته ڊرائيور لهي ڀوئين گاڏي طرف ڀڳو ۽ پوءِ ڊرائيور، ريل جي مسافرن ۽ وڏي ڀيڻ ڏٺو ته ننڍي ڀيڻ جو منهن هيٺ ۽ ان جو بلڪل ساڪت جسم پٽڙي جي وچ ۾ پيو آهي. ۽ پوءِ ننڍڙي ڇوڪريءَ پنهنجو مٿو کنيو ۽ ڀيهر جلدي جلدي پٽڙي تي پکڙيل ڪنپين کي ميڙڻ لڳي هاڻي وڏي ڀيڻ ڊوڙندي آئي ۽ پنهنجي ڀيڻ کي ڀاڪر پاتائين، ڳوڙهن جي باوجود ٻنهن ڀينرن جي ڳلن تي پکڙيل خوشي جون لهرون صاف نظر اچي رهيو هيون. پوءِ ٻنهي ڀينرن جلدي جلدي اهي رهيل ڪنپيون اتان ميڙيندي ٽوڪري ۾ وڌيون، پوءِ هڪٻئي جو هٿ پڪڙيندي خاموشي سان پنهنجي گهر طرف روانيون ٿيون. شايد ان وقت پنهنجن خيالن ۾ انهن ئي تجربن منجهان گذري رهيون هيون جنهن مان اجا ٿوري دير پهرين حقيقت ۾ گذري چڪيون هيون.

تمام ٿوري وقت ۾ انهن ٻنهي ڀينرن اها دانائي حاصل ڪري ورتي هئي جو هونئن ته ايتري ننڍي عمر ۾ حاصل ڪرڻ مشڪل آهي.

ليو ٽولسٽوئي

(1910 ڪان 1828)

هڪ مشهور روسي ليکڪ هو، سندس تعلق امير گهراڻي سان هو. انهي ڪري هو هڪ وڏي زمين جي حصي جو مالڪ پڻ هو. ڪيس تيرنهن ٻار هئا ۽ هڪ زال هئي. جنهن جي وفات مڙس جي مرڻ کان پوءِ ٿي هئي. جيتوڻيڪ ٽولسٽائي امير به هو ۽ مشهور به هو پر سندس دل شهرت ۽ دولت کان پرجي چڪي هئي. هن غريب هارين جي ٻارن جي تعليم لاءِ

اسڪول به کوليو هو. انهيءَ ڪانسواءِ به ضرورتمندن جي هميشه مدد ڪندو هو. ٻارن لاءِ هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون هيون. انهن مان هڪ ته توهان هاڻي پڙهي چڪا آهيو. هن جا ٻه ناول آهن جن جو شمار دنيا جي عظيم ادب ۾ ٿئي ٿو.

1. War and peace; 2. Anna Karenina

**آمنه اظفر**

**سنڌيءَ ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**

KAHANI CHAMAN
ڪهاني چمن